
خوش دل شهزادو
۽ پيون آکاڻيون
مترجم
محمد حبيب سنائي

# خوش دل شهزادوءِ ٻيون آکاڻيون

مترجم
محمد حبيب سنائي

ڊجيٽل ايڊيشن
2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جو نالو: خوش دل شهزادو ۽ ٻيون آکاڻيون
مترجم : محمد حبيب سنائي
ٽائيٽل ڊزائين: ذوالفقار علي ابڙو
پبلشر: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
جنوري 2022

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

# ارپنا

هي پيار پورهيو
هي پنهنجي ٻارن دانيال مجتبيٰ ۽ اماما
کي ارپيان ٿو.

# فهرست

سنڌ سلامت پاران

مترجم پاران

1. خوش خرم شهزادو — آسڪر وائيلڊ
2. خود غرض ديو — آسڪر وائيلڊ
3. ٻاگهه ٻري
4. جانو ۽ ڦرهين وارو ڪانو
5. ادرڪ ماني وارو نينگر

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ٻارڙن لاءِ پرڏيهي ادب مان چونڊ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو مجموعو **”خوشدل شهزادو ءِ پيون آکاڻيون“** پيش ڪري رهيا آهيون. ڪتاب جو مترجم **حبيب سنائي** آهي.

اسان وٽ ٻارن لاءِ سٺن ڪهاڻي ڪتابن جي ڪوٽ آهي. ان ڪي ذهن ۾ رکي ڪري حبيب سنائيءَ گهڻو عرصو اڳ هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين ڪي ترجمو ڪيو هو، جن مان آسڪر وائيلڊ واريون ٻہ ڪهاڻيون تہ ڪافي وقت شايع ٿيون، پر رهيل ڪهاڻين مان ٿي ڪن گل قل رسالي ۾ شايع ٿيون آهن. ياد رهي تہ آسڪر وائيلڊ جون ان ڍنگ ۾ لکيل نو ڪن ڪهاڻيون آهن، جن مان به هتي ترجمو ڪيون ويون آهن.

هي ڪتاب ڪنهن بہ پبلشنگ اداري ناهي ڇپيو. ٿورائتا آهيون حبيب سنائيءَ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# مترجم پاران

ٻارن کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ راغب ڪرڻ ضروري آهي ته ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي آکاڻيون پڙهي ٻڌائجن ۽ اڳتي هلي کين کهاڻي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏجن. اسان وٽ ٻارن لاءِ سٺن کهاڻي ڪتابن جي کوٽ آهي. ان کي ذهن ۾ رکي ڪري ڪافي عرصو اڳ مون هن ڪتاب ۾ شامل کهاڻين کي ترجمو ڪيو هو، جن مان آسڪر وائيلڊ واريون ٻه کهاڻيون ته ڪافي وقت شايع ٿيون، پر رهيل کهاڻين مان ٽي ڪن تازو گل ڦل رسالي ۾ شايع ٿيون آهن.

ياد رهي ته آسڪر وائيلڊ جون ان ڍنگ ۾ لکيل نو ڪن کهاڻيون آهن، جن مان ٻه مون ترجمو ڪيون آهن، هڪڙي کهاڻي انفنٽا جو جنم ڏينهن جو ترجمو سرڳواسي ڪاڪي گرداس واڌواڻي ڪيو هو، جيڪا مهراڻ ۾ شايع ٿئي هئي. ممڪن ته وائيلڊ جي ٻين کهاڻين جو ماضي ۾ ترجمو ٿيو هجي.

ان کان پوءِ واريون جيڪي ٽي کهاڻيون آهن، سي حقيقت ڪري ابهم ٻارن کي پڙهي ٻڌائڻ لاءِ آهن. اميد ته هي کهاڻيون ٻارن توڙي وڏڙن کي پسند اينديون.

12 جنوري، 2022 — محمد حبيب سنائي

# خوش دل شهزادو

## ليکڪ: آسڪر وائلڊ

يورپ کنڊ جي هڪڙي شهر ۾ وڏن ٿنڀن تي لڳايل خوشدل شهزادي جو مجسمو پريان کان ئي پيو نظر ايندو هو. مجسمي جي هر ٻاهرين حصي کي عمدي سون سان ڍڪيو ويو هو. هن جي اکين ۾ ٻه انتهائي وڻندڙ نيلم هنيا ويا هئا. سندس هٿ ۾ جهليل تلوار جي منئي ۾ ڳاڙهو ياقوت ٻه چمڪ ۽ دمڪ وارو هو.

شهر جو هر رهواسي مجسمي کي ڏسيو پيو ٺرندو هو. ميونسپالٽي جو هڪڙو ڪائونسلر، جيڪو پاڻ کي فنڪارانه ذهانت رکندڙ طور مڃرائڻ لاءِ هٿ پير پيو هڻندو هو، سو اڪثر اهو چوندو هو ته ”هيءُ ايترو خوبصورت آهي، جيترو اهو واءِ پرکڻو ڪڪڙ (مرغ بادنما).“ متان ماڻهو کيس بي عمل (جيڪو هو ڪونه هو) هئڻ جو طعنو هڻن، انهيءَ کان اڳ ئي هو وڌيڪ چوندو هو ته ”پر هي ايترو سو ڪارائتو ڪونهي.“

”بابلا اهو ڏس خوشدل شهزادو. توکي ڇو نٿو وڻي؟“ چنڊ لاءِ راڙو ڪندڙ ٻار کي پنهنجي ماءُ ريجهائيندي چئي ٿي، ”ڏسين نٿو ته هيءُ ڪنهن به شيءِ لاءِ روڄ راڙو نٿو ڪري.“

”اهو ٻه چڱو جو ڪوئي ته هن دنيا ۾ خوش خرم آهي“.

هڪڙو مايوس شخص شهزادي جي مجسمي کي تڪيندي ڀڻڪندو وڃي ٿو.

”هيءُ تہ کنهن فرشتي جهڙو ٿو لڳي.“ پر ۾ نهيل وڏي گرجا گهر مان نڪرندڙ ٻار، جيڪي تکي رتول رنگ واري جبي ۾ ملبوس ۽ سفيد پيش بند پهريل هوندا هئا، هڪٻئي کي چوندا هئا.

”توهان کي ڪيئن خبر پيئي تہ هيءُ فرشتي جهڙو آهي؟ اوهان ڪو فرشتو ڏٺو آهي ڇا؟ “ انهن سان گڏ هلندڙ حسابن جو ماستر ٻارن جو رايو ٻڌي اهو سوال ضرور ڪندو هو.

”نہ پر فرشتا اسانجي خوابن ۾ ايندا رهندا آهن.“ ٻار ماستر کي جواب ۾ چوندا هئا. اهو جواب ٻڌي ماستر ڀوٿ ڪٽي بڇڙو ڪندو هو، هنکي ٻارن جو خواب ڏسڻ بہ پسند ڪونہ هو.

قصو ڪوتاه، هڪڙي رات جو انهيءَ شهر مٿان هڪ ننڍڙي ابابيل پکيءَ جو، مصر ملڪ ڏي ويندي گذر ٿيو. سندس ٻيا مڙيئي ساٿي ڇهہ هفتا اڳ ئي مصر اسهي چڪا هئا. پر هي اڃان پوئتي رهيل هو. اصل ۾ هن کي هڪ سربوٽي سان پيار ٿي ويو هو، جيڪو ڪيس گذريل بهار ۾، جڏهن هو هڪ پيلي پتنگ جو پيڇو ڪندي درياءَ ۾ لهي رهيو هو، تڏهن نظر آيو هو. هن جي سنهي چيلهہ همراهہ کي ايترو تہ ليايو، جو ان لمحي ئي هن جو اسير ٿي ويو. هن کان رهيو نہ ٿيو، سو ان کي نهہ پهہ چيائين:

”ڇا آئون تو کي پيار ڪري سگهان ٿو.“ همراه اصل مقصد تي اچڻ لاءِ اتاولو هو. سر بہ جهڪي پنهنجي راضپي جو اظهار ڪيو. همراهہ بود ۾ ونجي هن جي چوگرد ڦيريون پائيندو رهيو. ۽ گد گد ٿي پاڻي ۾ پرڙا ڦڙڪائي هلڪيون لهرون ٿي پيدا ڪيون. اهوئي هن جي پيار جو ڍنگ هو، جيڪو پورو اونهارو هلندو رهيو.

”اهو ته بيهوده عشق آهي.“ ٻيا ابابيل پاڻ ۾ چڻ پڻ ڪرڻ لڳا. ”هڪڙو ته هن وٽ ڪا رقم ڪونهي، ۽ ٻيو ته سندس مٽ مائٽ به ڳچ آهن. اصل پوري ندي هن جي عزيزن سان پري پئي آهي.“ جڏهن سرءُ جو پڙلاءُ پيو، ته ٻيا ابابيل دور ديس ڏي رمندا رهيا.

جڏهن ٻيا وڃي چڪا ته همراهه کي اڪيلائپ اچي ستايو. ۽ تنهن کان علاوه هو پنهنجي پيار مان اچي ٿڪو هو. ”هوءَ محترمه مون سان ڳالهائي ٻولهائي نپ ڪانه ٿي.“ هن سوچيو،”آئون سمجهان ٿو ته هوءَ نخريلڻ آهي. ۽ سدائين ڏس ته پئي هوا جي جهونڪي لڳڻ تي گد گد ٿئي ۽ نينگ ٽپا ڏئي. شايد گهريلو قسم جي به آهي. پر مونکي ته سفر سان چاهه آهي، سو منهنجي زال به اهڙي هجي، جيڪا سفر سان لڳاءُ رکندي هجي.“

”پياري! مون ساڻ سفر تي اسهي ٿي يا نه؟“ سوچي سوچي همراهه هن کان پڇي ورتو. اهو ٻڌي هو پريشان ٿي پئي. هن کي پنهنجي گهر سان عجيب قسم جو قرب هو.

”چئبو ته تو نلهو پئي مونسان اجائي ڏند ٽيڙ ڪئي. چڱو آئون ته وڃان پيو مصر جي اهرامن ڏي. الله واهي.“ اهو چئي ابابيل اڳيان نڪري آيو.

سڄو ڏينهن هو اڏامندو رهيو ۽ رات جي مهل اچي انهيءَ خوشدل شهزادي واري شهر ۾ پهتو هو.

”آئون ڪٿي بسيرو ڪيان. شهر وارن ضرور منهنجو ڪو بندوبست ڪيو هوندو.“ هن دل ۾ سوچيو.

آسپاس نهاريندي، ڪيس اهو مجسمو نظر آيو.

”مونکي اُتي ئي بسيرو ڪرڻ گهرجي.“ خوشيءَ مان ڪانئس رڙ نڪري ويئي. ”هائو اها جاءِ چڱي ٿي لڳي. اُتي هوا بہ تازي پئي لڳندي.“ هو خوشدل شهزادي جي پيرن ۾ اچي وينو.

”اڄ تہ مون کي سونو ڪمرو سمهڻ لاءِ نصيب ٿيو آهي.“ دل ۾ چئي هو چوڌير جانچڻ لڳو ۽ سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. هن پنهنجو مٿو پنهنجي پرن ۾ اجان مس لڪايو ئي ڪونہ هو تہ مٿانس پاڻيءَ جو هڪ وڏو ڦڙو اچي ڪريو. همراھ حيران ٿي ويو ۽ سوچ ۾ پئجي ويو تہ هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي!

”آسمان تہ صفا صاف لڳو پيو آهي ۽ ڪڪر بہ نظر نٿو اچي، تارا بہ چٽا چمڪي رهيا آهن. پوءِ بہ برسات پئي پوي. اتر يورپ جي موسم واقعي بہ هئبتناڪ آهي. هُن مائي کي تہ رڳو مينهن جي منڊ وڻندي هئي. پر ان ۾ تہ سندس خودغرضائپ شامل هئي.“

اوچتو وري هڪ ٻيو ڦڙو بہ اچي مٿس ڪريو.

”هن مجسمي جو ڪهڙو فائدو، جو مينهن کي بہ روڪي نٿو سگهي.“

هن دل ۾ ويچاريو. ”مونکي ڪا ٻي جاءِ ڳولڻي پوندي.“ ائين هن هتان اڏرڻ جو پهہ ڪيو.

پر جيئن ئي هو اڏرڻ تي هو تہ هڪ ٽيون ڦڙو بہ اچي مٿس ڪڙڪيو. ابابيل ترت ئي مٿي نهاريو ۽ ڏٺو ــــ ٻڌايو تہ هن ڇا ڏٺو؟

خوشدل شهزادي جو اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون، ۽ سندس سوني ڳلن تان لڙڪ لارون ڪري وهي رهيا هئا.

چانڊوڪي ۾ هن جو چهرو ايترو ته دلپذير هو، جو ابابيل انهيءَ کي ڏسي ڪري پريشان ٿي ويو.

”تون ڪير آهين؟ “ ابابيل پڇي ورتو.

”آئون خوشدل شهزادو آهيان.“

”پوءِ تون روئين ڇاجي لاءِ پيو؟“ هن امالڪ پڇيو،”مون کي ته پورو پسائي ڇڏيو اٿئي.“

”جڏهن آئون جيئرو هئس ۽ منهنجي دل واقعي به انساني دل هئي.“ مجسمو جواب ۾ چوڻ لڳو،”مون کي خبر ئي نه هوندي هئي ته ڳوڙها ڇا ٿيندا آهن. ڇو ته آئون جنهن شاهي محل ۾ رهندو هوس، اتي ڏکن ۽ اهنجن کي اچڻ جي منع ٿيل هئي. سارو ڏينهن آئون پنهنجي سنگي ساٿين سان باغن ۾ پيو کيڏندو هئس، ۽ جيئن شام ٿيندي هئي ته اسان محل جي وڏي هال ۾ اچي پيڙا ٿيندا هئاسون، ۽ پيا نچندا ۽ کڏندا هئاسون. باغن جي چوڌاري هڪ وڏي ديوار ڏنل هئي. پر مون ڪڏهن به اها پڇا ئي ڪانه ڪئي ته انهيءَ ديوار جي پويان ڇا آهي؟ ڇو ته مون سان واسطيدار هر شيءِ خوبصورت ۽ وڻندڙ هئي. منهنجا درٻاري مون کي ڪوٺيندا ئي هئا خوشدل شهزادو. ۽ واقعي به آئون هُئس به خوش خرم ۽ خوشدل. ائين خوش خوش زندگي گذاريندي، آئون انهيءَ دنيا مان مري نڪتس. جڏهن هاڻ آئون مري چڪو آهيان ته مون کي شهر جي اُتاهين جاءِ تي لڳائي ڇڏيو اٿن ته جيئن آئون شهر جي هر ڪرب ۽ بيچڙائي کي ڏسي سگهان. جيتوڻيڪ منهنجي هاٺوڪي دل شيهي مان جڙيل آهي، پر پوءِ به آئون روئڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان.“

”تہ ڇا تون سڄي جو سڄو سون مان نهيل ڪين آهين، ڇا؟“ ابابيل پنهنجي من ۾ اپريل سوال زبان حوالي ڪري نہ سگهيو.

”تمام پري“ مجسمو پنهنجي دلگداز آواز ۾ چوڻ لڳو، ”تمام پري هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ هڪ ننڍڙو گهر آهي، ان جي هڪ دري کليل آهي. ان مان مون کي نظر پيو اچي تہ هڪ عورت ميز وٽ ويٺي آهي. سندس منهن سنهو ۽ سڪل آهي. سندس هٿ سخت ۽ ڳاڙها آهن، ۽ سندس آڱرين تي سئي جا نشان هر جاءِ پيا ڏسڻ ۾ اچن. هوءَ درزياڻي آهي. اڄڪلهہ هوءَ راڻي صاحبہ جي خاص حاضري واري نوڪرياڻي جو وڳو پرڻ ۾ رڌل آهي. اهو وڳو خاص طور تي ڪنهن درباري جشن ۾ اوڍڻ لاءِ تيار پيو ڪرايو وڃي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ بستري تي ستل ٻار سخت بيمار آهي. هو بخار ۾ ڪڙهي رهيو آهي ۽ ٻار بار ماءُ کان نارنگيون طلبي رهيو آهي. پر ماءُ ڪيس رڳو درياءَ جو پاڻي پياري رهي آهي ۽ هو رڙو رڙ لڳايو وينو آهي. اي ننڍڙا ابابيل ڇا تون منهنجي تلوار جي منيي ۾ لڳل ياقوت ڪڍي ان مائي کي پهچائي ايندي؟، منهنجا پير ڏسين پيو تہ جڪڙيل آهن، ۽ آئون چري پري نٿو سگهان.“

”يار ڳالهہ ٻڌي اٿئي. مون کي وڃڻو آهي ملڪ مصر ڏي. اتي منهنجا ساٿي منهنجو انتظار پيا ڪن. هو اُتي پيا نيل ندي تي لهندا ۽ چڙهندا هوندا ۽ ڪنول جي گلن سان ڪچهريون ڪندا هوندا. رات ٿيندي ئي هو وڃي فرعون جي مقبري ۾ سمهندا هوندا. فرعون جي ممي کي دوائون ۽ مصالحو لڳائي محفوظ ڪري اتي رکيو ويو آهي. ڪيس زرد رنگ جا ڪپڙا پهريل هوندا آهن ۽ سندس ڳچيءَ ۾ زرد سنگريشم جي زنجير

پيل هوندي آهي ۽ همراهه جا هٿ سڪل پنن جهڙا بنجي ويل آهن.

”او ابابيل، ننڍڙا ابابيل! ڇا تون مون ساڻ هڪ رات وڌيڪ ترسي نه سگهندين ۽ منهنجو پيغامبر نه ٿيندي؟ هو ٻار ڏاڍو اڃايل آهي ۽ سندس ماءُ ڏاڍي غمگين آهي.“

”پر مون کي ته اهو ڇورا وڻن ئي ڪين؟“ ابابيل چيو، ”گذريل اونهاري جي ئي ڳالهه ٿو ٻڌايان. آئون ندي تي رهيل هوس. اتي مون کي ٻن ڇورن ڏاڍو ستايو ۽ هلاڪ ڪيو. جيڏي مهل مونتي نظر پوين، مون تي پٿرن جو وسڪارو لايو ڏين. اهو شڪر جو اسان زمين کان ڪافي مٿي پيا اڏرندا آهيون ۽ خانداني طرح به اسان ڪافي ڦڙت هوندا آهيون. ان هوندي به سندن اها ڪار مناسب ته ڪانه ڪوٺبي.“

اهو ٻڌي ڪري خوشدل شهزادو ايترو ته دکي ٿي پيو، جو ابابيل کي پنهنجي ڇئي تي اچي پشيماني ٿي. ”ڇڱو ٻلا ٿڌ ته ڪافي زور آهي، پر آئون تو سان گڏ رهي ٿو پوان ۽ تنهنجو پيغام پڄائي ٿو اچان.“

”وڏا وڙ تنهنجا ، ننڍڙا ابابيل.“ شهزادي خوشيءَ مان چيو.

ابابيل شهزادي جي تلوار مان اهو عاليشان قسم جو ياقوت ڪڍيو ۽ پنهنجي چهنب ۾ سوگهو ڪري شهر مٿان اڏامندو هليو.

پهريائين هو هڪ وڏي ديول (گرجا گهر) مٿان اچي لنگهيو. ان ديول ۾ سفيد سنگ مر مر مان ناهيل فرشتن جا مجسما هئا. وري هو هڪ محل مٿان اچي گذريو، جتي ناچ گانو زورن تي هو. اڳتي وڌيو ته هڪ بالڪوني ۾ هڪ خوبصورت

چوڪري پنهجي ساٿي سان قرب ڪچهريون ڪندي نظر آئي. ”تمڪندر تار ڪيڏا نه انوکا پيا لڳن.“ همراهه چئي رهيوهو، ”۽ مٺي پيار جي قوت به ڏاڍي عجيب ٿيندي اهي.“ چوڪري جواب ۾ چئي ٿي ته ”خدا ڪري ته اهو مون وارو وڳو سرڪاري جشن تائين جڙي راس ٿي ملي. مون ڪين گلن جو پرت پرڻ لاءِ چيو آهي...... پر اهي درزياڻيون به ڏاڍيون سست ۽ ڪاهل آهن“.

هو وري درياءَ مٿان اڏرندو هليو. بيڙين ۾ بتيون ٻري رهيون هيون. درياءُ اڪري وري هو يهودين جي ويڙهي مٿان اچي گذريو. ڪجهه يهودي پاڻ ۾ ڪنهن وڪري تي ريڙه پيڙه ۾ مگن هُئا ۽ پئسا به ساهمي ۾ توري رهيا هئا. هو آخرڪار پنهنجي منزل مقصود تي پهتو. هو انهيءَ غريب گهر ۾ گهڙي ويو، ۽ اندر جانچڻ لڳو. ٻارڙو بخار ۽ سور ڪري ڦٿڪي رهيو هو، ۽ ان مائي کي سخت ٿڪاوٽ ڪري گهڙي ڪن لاءِ اک لڳي ويئي هئي. ابابيل اندر گهڙي چوڦير ڦيرا پائڻ لڳو ۽ پنهنجي پرن سان ٻار جي منهن کي هوا هڻڻ لڳو. هوا لڳڻ سان ٻار ۾ ساهه پيو ۽ هلڪي گهيرٽ ۾ اچي ويو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ابابيل واپس خوشدل شهزادي وٽ اچي پڳو. پنهنجي ڪارگذاري ٻڌائيندي ابابيل حيرت ۾ اچي چيو ته ”مون کي هيءَ ڳالهه نه ٿي سمجهه ۾ اچي ته هيڏي ساري سردي لڳي پئي آهي، پر آئون پاڻ کي گرم پيو محسوس ڪريان!“

”اهو صرف انهيءَ ڪري آهي جو تو اڄ هڪ نيڪ ڪم ڪيو آهي.“ شهزادي کيس سمجهائيندي چيو. ابابيل سوچ ۾ پئجي ويو، ۽ سوچيندي سوچيندي کيس ننڊ اچي ويئي. اصل ۾ همراهه کي هميشه سوچڻ سان اچي ننڊ ورائيندي هئي.

صبح ٿيو ته هو درياءُ ڏي ويو ۽ تڙ ڪرڻ لڳو. جيئن هو پل پئي اُڪريو ته مٿس هڪ پکي وديا (Ornithology) پڙهائيندڙ جي نظر پئجي ويئي، ۽ امالڪ ان جي وات اهو نڪري ويو ته ”اهڙي سخت سياري ۾ به هتي ابابيل پيو ڦري. واه!“ هو تڪڙو تڪڙو گهر آيو ۽ اچي هڪ ڊگهو خط هڪ مقامي اخبار کي لکيائين. جيتوڻيڪ پڙهندڙ هن جي لفظ بازي کي ايترو سمجهي نه سگهيا، پر باهمي گفتگو ۾ انهيءَ خط ۽ پکي جو ذڪر ضرور ٿي ڪيو ويو.

”اڄ رات آئون مصر ڏي اسرندس.“ ابابيل سفر جو سوچي بود ۾ پرجي ويو. هن شهر جون مڙيئي عوامي جايون گهمي ورتيون هيون ۽ ڪافي وقت گرجا گهر جي منارن جي ڪِڙڪين ۾ وينو رهيو. جهرڪيون ڪيس ڏسي پاڻ ۾ سس پس لايو وينيون هيون ۽ حيران هيون ته هي پکي وري هت ڪٿان آيو آهي! هن کي جهرڪين جي حيرانگي مزيدار لڳي.

جيئن شام ٿي ۽ چنڊ چڙهڻ لڳو ته هو واپس خوشدل شهزادي وٽ پهتو. ” ملڪ مصر ۾ ڪو ڪم ڪار هجنئي ته ٻي ڏڙڪ ٿي چؤُ. ڇڱو پوءِ آئون ته هلان ٿو.“

”او ننڍڙا ابابيلَ ڇا تون مون ساڻ هڪ رات وڌيڪ نه رهي پوندين؟“

”يار! توکي اڱ ۾ ئي ٻڌايو اٿم ته منهنجو اتي اوسيئڙو هوندو. سياڻي مون وارا سنگي نئين آبشار ڏي اسهندا. اُتي دريائي گهوڙو پيو ننڍڙي پن واري گاهه جي ميدان ۾ ڦرندو. تنهن ڪان پوءِ اتي سماق پٿر جي تخت تي ميمنن (Memnon) ديوتا وينل آهي. هو سڄي رات پيو تارن کي تڪيندو آهي. جڏهن صبح وارا تارو ڪڙندو آهي ته هو جولان ۾ اچي ڪوڪڻ

لڳندو آهي، ٿوري دير بعد هو خاموش ٿي ويندو آهي.... ٻپهرن سمي زرد شينهن اُتي پاڻي پيئڻ ايندا آهن. انهن جون اکيون سائي فيروزي جهڙيون آهن. هنن جي گجگوڙ آبشار جي گجگوڙ کان وڌيڪ هوندي آهي.“

”پر اي ابابيل! شهر جي پرين پاسي مون کي هڪ شخص گهر جي مٿئين ڪمري ۾ نظر اچي رهيو آهي. هو جنهن ميز تي جهڪيو وينو آهي، سا ڪاڳرن سان ستي پئي آهي. سندس پاسي ۾ پيل پيالي ۾ سڪل واڱڻائي گل ڪومايل آهن. سندس وار سونهري آهن. هن جا چپ ڏاڙهون جهڙا ڳاڙها ۽ اکيون وڏيون ۽ خوابي آهن. ڪيس اڄ رات ڪيئن به ڪري ڊرامو مڪمل ڪري اسٽيج ڊائريڪٽر کي صبح جو ڏيڻو آهي. پري سخت سيءَ جي ڪري هو لکي نٿو سگهي. آڳيني (آتشدان) ۾ باهه به ڪانهي ۽ بک ڪري به هو بيحال بنجي ويو آهي.“

”چڱو ڀلا، چئين ٿو ته هڪ رات وڌيڪ توسان ترسان ٿو.“ ابابيل چئي ٿو، ”انهيءَ وٽ ڪو ياقوت ڪٽي وجان ڇا؟“

”افسوس ته مون وٽ وڌيڪ ڪو ياقوت ڪونهي. البت منهنجي اکين ۾ لڳل نيلم ڏاڍا سهڻا آهي، ۽ هزارين سال اڳ اهي ملڪ هندستان مان هتي آندا ويا هئا. انهن مان هڪڙو ڪڍي وڃي همراه کي ڏئي اچ. جيئن هو ان کي جوهري کي وڪرو ڪري، پنهنجي لاءِ ڪاڏي توڙي باهه جو بندوبست ڪري سگهي ۽ پوءِ ڊرامو مڪمل ڪري سگهي.“

”او منڙا شهزادا، آئون ائين نه ڪري سگهندس، جو توکي انڌو ڪري ڇڏيان.“ ائين چئي ابابيل روئڻ لڳو.

”او ابابيل پيارا! جيئن آئون توکي چوان ٿو، ائين ڪر.“

نيٺ ابابيل شهزادي جي اکين مان نيلم ڪڍيو ۽ ڇهنب ۾ جهليندو اچي مذڪوره ڊراما لکندڙ جي ڪمري وٽ پهتو. ڪمري ۾ داخل ٿيڻ آسان هو، ڇو ته ڇت ۾ هڪ وڏو سوراخ هو. ابابيل انهيءَ سوراخ مان ڪمري اندر ويو. ڊراما لکندڙ ميز تي پنهنجي ٻانهن ۾ منهن لڪائي جهڪيو وينو هو. ڪيس ڪمري ۾ پکيءَ جي موجودگي توڙي ان جي پرن جي ڦڙڦڙاهٽ ٻه ٻڌڻ ۾ نه آئي. ڪجهه گهڙين بعد هن جڏهن پير ۾ ڏٺو ته پيالي ۾ سڪل ٻنفشي گل جي پنين مٿان هڪ عاليشان نيلم پيل هو.

”واهه. لڳي ٿو ته مهنجا ساراهيندڙ به پيدا ٿي چڪا آهن.“ هن خوشيءَ سان رڙ ڪئي. ”هي ضرور ڪنهن مداح ئي موڪليو اٿم. هون ... هاڻي آئون ڊرامو پورو ڪري وٺندس.“

ٻئي ڏينهن ابابيل سمنڊ جي دڪي ڏي اڏامي ويو. هو گهڻو وقت جهاز جي ڪوهي تي وينو رهيو، ۽ جهازين کي تڪيندو رهيو، جيڪي سفر جي تيارين ۾ مشغول هُئا. ”آئون به مصر پيو وڃان.“ هن رڙ ڪري انهن کي ٻڌائڻ چاهيو، پر ڪنهن به ان تي ڪو ڌيان نه ڏنو. جڏهن چنڊ اڀريو ته هيءُ واپس خوشدل شهزادي وٽ پهتو.

”آئون تو کي خدا حافظ چوڻ آيو آهيان.“ هن ڏڪارو ٿي چيو.

”اي منا ابابيل! ڇا تون مونسان اجا هڪ رات وڌيڪ نه ترسي سگهندين؟“

”يار خبر اٿئي سردي وڌندي وڃي ۽ جاڻ سخت برفباري شروع ٿي ويندي. هوڏانهن ملڪ مصر ۾ سج گرم هوندو. ۽ وڻ ساوا هوندا. ماڳر مڇ گپ ۾ سست ٿيو هڪ ٻئي کي تڪيندا هوندا ۽ پاڻ ۾ پيا قرب ونڊيندا هوندا. ڇگو پيارا شهزادا، هاڻي

مون کي توکان موڪلائڻ گهرجي. آئون توکي مور نہ وساري سگهندس. انشاءَالله ايندڙ بهار ۾ واپسيءَ مهل پاڻ سان بہ خوبصورت جواهر کنيو ايندس. مون وارو ياقوت گلاب جي گل کان وڌيڪ ڳاڙهو هوندو ۽ نيلم بہ وڏي سمنڊ جيان نيرو هوندو.“

”او ابابيل منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ! هتان کان ٿورڙو هيٺيان هڪ ماچيس ٺاهيندڙ ڇوڪري بيٺي آهي. هن کان ماچيس جون تيليون گٽر ۾ ڪري پيون آهن. سو هوءَ ڏاڍو ملول ٿيو اتي بيٺي آهي. جيڪر هوءَ ڪابہ رقم گهر ۾ نہ کڻي ويندي تہ سندس پيءُ کيس موچڙن سان ماري وجهندو. هن جا پير اگهاڙا آهن، ۽ جوراب بہ اوڍيل نہ اٿس. مٿو بہ اگهاڙو اٿس. مون واري ٻي اک جو نيلم ڪڍي وڃي ان کي ڏي تہ جيئن پيءُ جي مار موچڙي کان بچي وڃي.“

”چڱو پيلا! آئون هڪ رات وڌيڪ رهي ٿو پوان. پر ٻيلي اهو اکين جو نيلم آئون نہ ڪڍي سگهندس. ان سان تہ تون صفا انڌو بڻجي ويندين.“

”او ابابيل! تون ائين ڪر، جيئن توکي آئون ڏسيان ٿو.“

مجبورن هن شهزادي جي اک مان نيلم ڪڍيو ۽ اڳتي وڌيو. هن ڦيرو ڏئي ڇوڪريءَ جي تريءَ تي اهو پٿر رکيو. ”ڪيڏو نہ پيلو شيشو آهي.“ ڇوڪريءَ نيلم ڏسي خوشيءَ مان رڙ ڪئي ۽ کلندي کڏندي گهر رواني ٿي.

ابابيل واپس شهزادي وٽ پهتو ۽ کيس چيائين تہ ”هاڻي تہ تون صفا انڌو ٿي ويو آهين. سو آئون توکي ڇڏي نہ ويندس ۽ هميشہ هت رهندس.“

”نہ پيارا ابابيل، نہ. تون هاڻي پلي مصر وڃ.“

”نہ هاڻي آئون هتي ئي رهندس.“ ابابيل پختي ارادي سان چيو، ۽ شهزادي جي پيرن ۾ سمهي رهيو.

ٻيو ڏينهن هو شهزادي جي ڪلهي تي ويٺل رهيو، ۽ ڪيس ديس ديس جا قصا ٻڌائيندو رهيو. هن شهزادي کي پهريان انهن ڳاڙهن ڪانيرو نالي وارن پکين بابت ٻڌايو، جيڪي نيل نديءَ جي ڪناري تي قطارون بنايو بيٺا هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري پنهنجي چهنبن ۾ سونهاري مڇي پڪڙيندا هئا. وري هن نرسنگهي Sphinx جو ذڪر ڇيڙيو، جيڪي هن جڳ جيترو قديم آهي ۽ صحرا نشين آهي. وڏي ڳالهہ تہ هرشيءِ متعلق ڄاڻ رکي ٿو: انهن واپارين جو بہ احوال اوريائين، جيڪي هٿن ۾ عنبر جون تسبيحون ڪنيو پنهنجي اٺن ساڻ پيا هلندا آهن، وري انهن چنڊ وارين پهاڙين جي بادشاه جو ذڪر ٿيو، جيڪو پاڻ ڪِٺُ ڪارو آهي، ۽ هو هڪ شفاف پر وڏي بلور کي پوڄيندو رهندو آهي: ان ڪانپوءِ هڪ سائي رنگ واري ازدها جو قصو شروع ٿيو، جيڪا پام وڻن ۾ سمهندي آهي ۽ ڪيس 20 ڪن پوڄاري ماکيءَ مناري وسيلي خوراڪ ڏيندا آهن: ۽ انهن جيتامڙن جو ذڪر ٿيو، جيڪي وڏي پيتي تي چڙهي، درياءُ جو سير سفر پيا ڪندا آهن ۽ سدائين پوپٽن سان جهيڙيندا آهن.

”پيارا ابابيل! اڄ واقعي تو مون کي انوکين ۽ عجيب خلقت جو احوال ڏنو آهي. پر ڳالهہ ٻڌي اٿئي تہ سڀ کان نرالي جيڪا ڳالهہ آهي سا آهي انسان جي تڪليف. بدحالي جهڙي ڪابہ ڏند ڪٿا ڪانهي. هاڻي هيئن ڪر جو وڃي منهنجي شهر جو چڪر هڻ ۽ اچي ٻڌاءِ تہ اتي ڇا پيو وهي ۽ واپري.

ابابيل وڏي شهر ڏي نڪري ويو. اتي ڏٺائين تہ امير ڪبير پنهنجي وڏن ۽ عاليشان گهرن اندر شادمانن ۾ محو هئا.

۽ انهن جي درن تي ٻنندڙن جي هڪ لمبي قطار اوسيئڙو ڪري رهي هئي. هو اڳتي وڌي اونداهين ګلين ۾ ٻه ويو ۽ ڏٺائين تہ بک کان بدحال ٻارڙا اونداهي ګلين ۾ تڪيندا پئي رهيا. پل جي هيٺيان ٻہ ننڍا نينگر هڪ ٻئي سان چهٽيا پيا هئا تہ جيئن سردي کان بچيا رهن ۽ گرم رهن.

”يار بک ٻہ اصل ڏاڍي لڳي اٿئون، پر......“ هو پاڻ ۾ چئي رهيا هئا. اوچتو هڪ چوڪيدار اتان اچي لنگهيو ۽ کين ڏسي سختيءَ سان چيائين تہ ”هتي نہ ويهو، ڀڄي وڃو.“ ۽ هو مينهن ۽ سردي ۾ رلندا رهيا.

ان بعد ابابيل واپس وريو ۽ شهزادي کي پنهنجي سرگرميءَ جو احوال ڏنائين.

”مون تي جيڪا سونا ورق لڳل آهن، سي آهستي آهستي ڪڍندو وڃي اهي غريبن ورهائي اچ. جيئرا اهو پيا سوچيندا آهين تہ سون کين اڻ ميون خوشيون مهيا ڪري سگهي ٿو.“

ابابيل شهزادي جي تجويز کي مڃي ورتو ۽ پوءِ هو ورق ورق ڪڍندو ويو ۽ غريبن کي ڏيندو رهيو. سون ختم ٿيڻ سان شهزادي جو مجسمو بي رنگ ۽ بيڪار لڳندو هو. پر ٻئي پاسي سون جي ورقن ملڻ سان غريب غربا سرها ٿيا. انهن جا ٻار ٻهڪڻ لڳا ۽ کين ماني نصيب ٿي ۽ خوش خوش گهٽين ۾ پيا کيڏندا هئا.

جلدي برفبار شروع ٿي ۽ ان بعد پارو پوڻ لڳو. گهٽيون ائين ٿي لڳيون ، ڄڻ چانڊي وچايل هجي. اهي چمڪي ۽ ڏمڪي رهيون هيون، گهرن جي ڇڄهرن مان برفاني قلم شفاف خنجرن

وانگر لڙڪي رهيا هئا. هرڪ گرم ڪوٽ پهري، پوءِ ٻاهر نڪتو. ٻار به گرم ٽوپيون پايو برف تي هلي رهيا هئا.

سخت سرديءَ ۽ برفباريءَ باعث ابابيل به يخ ٿيندو پئي ويو، پر پوءِ به شهر ۾ موجود رهيو. ڪيس شهزادي سان بيحد پيار هو. جڏهن بيڪري واري ڪنهن ڪم يا ٽپڙ لاءِ هيڏي هوڏي ٿيندو هو ته هيءُ وجي سندس بيڪري ۾ اڇليل روٽيءَ جا ٽڪر ڪٽي ايندو هو. پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ پرڙا پيو ڦڙڪائيندو هو.

نيٺ ڪيس اهي پرون پئجي ويا ته هو هن دنيا ۾ ڏينهن ٻن جو مهمان آهي، ۽ جلدي راهه رٻانيءَ رمندو. سردي ۽ برفباري ڪيس نهوڙي وڌو هو. هو جيئن تيئن ڪري شهزادي جي ڪلهي تي اچي وينو ۽ سرٻاٽ ڪندي چيائين " پيارا شهزادا. آئون هاڻي وڃان پيو، پنهنجا هٿ مونکي چمڻ ڏي."

"يار! ڏاڍو ڀلو ٿيو جو تو نيٺ مصر وڃڻ جي فيصلو ڪيوآهي. تو مونسان ڪافي وقت گذاريو آهي. تون مون کي چپن تي چمي ڏي. ڇو ته مون کي به تو سان قرب آهي."

"پيارا شهزادا، آئون ملڪ مصر نه پيو وڃان." آئون ته عدم جي سفر تي پيو اسهان. خبر اٿئي ته موت ننڊ جو ڀاءُ آهي. ڪي نه؟"

ابابيل شهزادي جي چپن کي چمي بس ڪيو ته اوڏي مهل ئي سندس روح پرواز ٿي ويو، ۽ هو اچي شهزادي جي پيرن ۾ ڪريو.

نيڪ ساڳئي لمحي مجسمي اندر ڪنهن شيءِ جي ٽڙڪڻ جو هڪ عجيب غريب آواز اڀريو. هائو شهزادي جي شيهي واري دل ٻه ٽڪر ٿي پئي هئي. هن پيري وارو سيارو به سخت موتمار قسم جو ٿي پيو هو. صبح ٿيو ته شهر جي ميونسپالٽيءَ

جو ميئر ۽ ٻيا ڪائونسلر اتان اچي گذريا. جڏهن انهن جي نظر مجمسي تي پئي ته انهن جي واتن مان رڙ نڪري ويئي.

”افسوس ته مجسمو ڏاڍو ٻي سرو ٿي ويو آهي.“ ميئر چيو.

”برو بر“ ٻين ڪائونسلرن هائوڪار ڪئي. اهي هميشه ميئر جي ڳالهه کي اکين تي رکندا هئا.

”لڙي ڏسو ته سهي! تلوار وارو ياقوت توڙي اکين وارا نيلم گم آهن. ۽ ها سونا ورق به غائب آهن. هن حالت ۾ هيءُ مجسمو ته ڪنهن پينو جو ٿو لڳي.“

”بلڪل صحيح آهي.“

”هو ڏسو مجسمي جي پيرن ۾ مئل پکي پيل آهي.“ ميئر چيو،“ پاڻ کي اهو حڪم جاري ڪرڻ گهرجي ته پکين کي هتي مرڻ جي اجازت نه آهي.“ ڪلارڪ بالاعملدار جي تجويز کي نوٽبڪ ۾ لکي ورتو.

جلدي ان مجسمي کي هٽارائي هڪ بنيءَ حوالي ڪيو ويو. هڪ گڏجاڻي ڪونائي ويئي، جنهنجي ايجنڊا جو هڪ اسم اهو هو ته مجسمي جي ڌاتو کي ڪهڙي ڪم آڻجي.

”پاڻ کي هاڻي هڪ ٻيو مجسمو جوڙائڻ گهرجي. اهو مجسمو منهنجو هجي ته ڏاڍو سنو.“ هڪ ڪائونسلر ايجنڊا جي انهيءَ اسم تي ڳالهائيندي راءِ ڏني.

”نه نه منهنجو هئڻ گهرجي.“ ائين سڀ ڪائونسلر پاڻ ۾ اٽڪي پيا. ۽ جڏهن مون ڪين آخري پيرو ٻڌو ته تڏهن به اهي ائين پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا.

”يار ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته هيءَ ٽٽل دل ڳري ڇو نه ٿي.“ بنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ لوهار چيو.“ ڇگو ڪڍي ٻاهر اڇلائي

ڇڏيوس.“ ائين اها دل مٿيءَ جي ان ڍير تي اڇلائي ويئي، جتي ابابيل بہ پيل هو.

”وجو ۽ ان شهر مان کي بہ قيمتي شيون کڻي اچو.“ خدا تعاليٰ پنهنجي فرشتن کي فرمايو. فرشتا شهر ۾ آيا ۽ اچي اها دل ۽ ابابيل کنيائون.

”واقعي! اوهان اها تمام اعليٰ چونڊ ڪئي آهي.“ خدا تعاليٰ چيو. ”هي ابابيل جنت الفردوس ۾ هرڪنهن لاءِ پيو ڳائيندو، ۽ منهنجي سوني شهر ۾ هي خوشدل شهزادو منهنجي حمد ثنا ڪندو رهندو“.

# خود غرض ديو

## ليکڪ: آسڪر وائلڊ

ٻار جڏهن پيشين جو اسڪول مان ورندا هُئا، تہ ڏهاڙي رستي واري باغ ۾ اچي کيڏندا هئا. ان باغ جو مالڪ اهو ديو هو.

اهو باغ ڪافي وڏو ۽ وڻندڙ هو. سڄو پٽ سائي ڇٻر سان جهنجهيو پيو هوندو هو. گلن وارا ٻوٽا ڪافي تعداد ۾ هئا. انهن ۾ گل ستارن جيان ڪڙيل هُئا. باغ ۾ 12 ڪن شفتالو وڻ هئا، جن ۾ بهار جي مند ۾ گلابي ۽ رتن ٻور نسريو ٿي، ۽ سرءَ ۾ انهيءَ ٻور ميوي جي صورت اختيار ٿي ڪئي. وڻن تي ويٺل پکي ايترا تہ سريلا گيت ڳائيندا هئا، جو ٻارڙا راند روڪي، خاموش ٿي اهي ٻڌندا هئا.

"اسان ڪيترو نہ مزي ۾ آهيون!" هو هڪٻئي کي وڏي واڪ چوندا هئا.

اوچتو هڪڙي ڏينهن باغ جو مالڪ ديو موٽي آيو. هو پنهنجي دوست ڪارنش راڪاس وٽ گهمڻ ويو هو. اتي هو ست سال رهي پيو. جڏهن ست سال پورا ٿيا، تڏهن وجي هنن جو خبرون چارون پوريون ٿيون. ان بعد هن همراهہ واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو. هو جڏهن باغ ۾ داخل ٿيو تہ سندس نظر ٻارن تي پئي.

”اوهان هتي ڇا پيا ڪريو؟“ هن انتهائي ڪڙڪ ۽ کهري لهجي ۾ دانهيندي چيو. اهو ٻڌي ٻار وٺي ڀڳا.

”هيءُ منهنجو باغ آهي“ ديو چيو، ”هرهڪ ڪي اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته آئون ڪنهنکي به هت راند ڪيڏڻ نه ڏيندس.“ ان ڪان پوءِ هن باغ جي چوگرد هڪ وڏي ڀت ناهي ورتي ۽ ان جي ٻاهران هيٺيون چتائيندڙ اعلان بورڊ تي لکرائي لڳائي ڇڏيو.

## ٽپي ايندڙن کي سخت سزا ملندي.

اهو ديو اصل ۾ خود غرض ديو هو.

هاڻي غريب ٻارن لاءِ راند روند ڪرڻ لاءِ ڪا جاءِ نه بچي هئي. هنن روڊ تي کيڏڻ شروع ڪيو، پر هڪ ته اتي مٽي هُئي، ۽ ٻيو ته سخت پٿر به اتي ڦهليا پيا هئا. ڪين اتي اهو باغ وارو مزو نه ٿي آيو. جڏهن سندن ڪلاس ختم ٿيندا هئا، ته هو اچي باغ جي ڀت جي چوڌاري ڦيرا پائيندا هئا، ۽ اندرئين عاليشان باغ متعلق ڳالهيون ڪندا هئا.

”اسان باغ ۾ کيڏي ڪيڏو نه خوش ٿيندا هئاسون.“ هو هڪٻئي کي پيا چوندا هئا.

بهار به اچي چڪو هو، پر ملڪ جي وڻن ۾ نه رڳو ٻور، پر پکي پکڻ به گهٽ ٿي نظر آيا. هيڏانهن انهيءَ خود غرض ديو جي باغ ۾ اڃا توڙي سرديءَ جي حڪمراني هئي. پکين لاتيون نٿي لنويون، ڇو ته ٻار موجود نه هئا، ۽ وڻن به ٻور نه جهليو هو. هڪ ڀيرو پلجي هڪڙي وڻندڙ گل گاهه مان منهن ڪڍيو، پر جڏهن سندس نظر مذڪوره بورڊ تي پيئي ته هو ٻارن جي ڏک ۾ ونجي ويو، ۽ واپس گاهه ۾ پاڻ لڪائي ڇڏيائين. اهڙي ماحول ۾ رڳو برف ۽ پارو سُرها هئا.

”بهار هن باغ کي وساري ڇڏيو آهي.“ هنن چيو، ”اسان هاڻي هتي سڄو سال پيا موجون ماڻينداسون.“ برف گاهن کي پنهنجي وجود هيٺ دٻائي ڇڏيو، ۽ پاري وڻن کي چاندي رنگ ڏئي ڇڏيو. ان بعد انهن اتر واري طوفاني هوا کي پاڻ وٽ اچي رهڻ جي ڪوٺ ڏيئي گهرايو. ان کي پشم پهريل هئي. هوءَ سڄو ڏينهن گجگوڙ لڳايو وينني هوندي هئي.

”هيءَ واقعي بہ خوشگوار جاءِ آهي.“ ان چيو، ”اسان کي ڳڙي واري مينهن کي بہ هتي دعوتڻ گهرجي.“ ائين اهو حضرت بہ اچي وارد ٿيو. هو روزانو سانڌه ٽي ڪلاڪ کن پيو قلعي جي ڇت تي ڪڙڪندو هو. آخرڪار ان ۾ سير وجهي ڇڏيائين. ان بعد هو باغ ۾ تڪڙا تڪڙا ڦيرا پيو پائيندو هو. سندس لباس خاڪي ۽ سندس ساهہ برف وانگيان هو.

”سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هن پيري جو بهار اچڻ ۾ دير ڪئي آهي؟“ خود غرض ديو دريءَ وٽ ويهي ٻاهر سفيد ۽ يخ باغ کي تڪيندي چون لڳو، ”اميد تہ جلد موسم مٽبي.“ پر نڪي بهار آيو ۽ نہ ئي اونهاري پنهنجو ديدار ڪرايو. سرءُ واري موسم ۾ ٻين باغن ۾ تہ ميوات پيدا ٿي، پر هن باغ ۾ ميون جو نالو نشان نہ هو. ” هيءُ خود غرض آهي.“ سرءَ پئي چيو، “انڪري سندس باغ ۾ هميشہ سيارو غالب رهندو.“ ٻئي پاسي اتر واري هوا، ڳڙي وارو مينهن، پارو ۽ برف وڻن ٽڻن ۾ نچندا ڪڏندا رهيا.

هڪڙي ڏينهن چا ٿيو، جو اهو ديو صبح کان بستري ۾ ليٽيو جاڳي رهيو هو. اوچتو هن ڪجهہ وڻندڙ موسيقي وڄندي ٻڌي. ڪيس اها ايترو تہ وڻي، جو هن ائين سمجهيو تہ بادشاهہ جا درٻاري موسيقار هتان گذرندي واڄٽ وڄائي رهيا آهن. پر

حقيقت ۾ هڪڙو ننڍڙو پکي سندس دريءَ پر ۾ جهونگاري رهيو هو. پر جيئن ته هن ورهين کان ڪنهن پکي کي ڳائيندي نه ٻڌو هو، سو هن انهيءَ جهونگار کي دنيا جي عظيم ترين موسيقي ڪري ڀانيو. هوڏانهن ڳڙي پنهنجو ناچ بند ڪيو ۽ اتر واري هوا گجگوڙ روڪي ڇڏي ۽ کليل ڳڙکيءَ مان مسحور ڪندڙ خوشبو لنگهي آئي.

"ڀانيان ٿو ته نيٺ بهار اچي ويو آهي." ديو پٽڪيو ۽ ٽپ ڏيئي کڙو ٿيو. ۽ دريءَ مان ٻاهر نگاهه وڌي.

پر هن ڇا ڏٺو.

هن ڏاڍو عجيب نظارو پسيو. پٽ جي ڪنهن سوراخ مان ٻارڙا داخل ٿيا هئا. ۽ اهي وڻن جي ٽڙن تي ويٺل هئا. جيڪو به وڻ ڪيس نظر آيو، ان تي ڪونه ڪو ٻار ويٺل هو. وڻ ٻارن کي پاڻ وٽ ڏسي ڪري گد گد پئي ٿيا، ۽ پاڻ کي ٻور سان جهنجهي ڇڏيو هئائون ۽ ڏاڍي پاٻوهه سان پنهنجو ٻانهون ٻارن مٿان لوڏي رهيا هئا. پکي پکڻ به اڏامندا ۽ ترنگ ۾ چون چون لايو وينا هئا. گل ڦل به گاهه منجهان نسري ويا هئا ۽ مسڪرائي رهيا هئا. اهو نظارو ڏاڍو دل لڀائيندڙ هو. صرف هڪڙي ڪنڊ ۾ اڃان به سياري وارو ڏيکاءُ هو. باغ جي پرئين ڇيڙي تي هڪ ٻار بيٺو هو. هو وڻ جي ٽڙ تائين نه پئي پهتو، سو رڙ مٿان رڙ لايو بيٺو هو. اهو وڻ برف ۽ پاري سان ڍڪيل هو. ۽ اتر واري هوا مٿائنس گجي رهي هئي.

"ننڍڙا چڙهي وٺ." وڻ پئي چيو ۽ هن پنهنجون لامون به هيٺ ڪافي نمايون، پر اهو ٻالڪ ايترو ته ننڍو هو، جو اڃان به چڙهڻ کان قاصر هو. اهو سڀڪجهه ڏسي ديو جي دل کي جهوٻو آيو. "آئون ڪيترو نه خود غرض آهيان." هن چيو. " هاڻي

پتو پيو اٿم تہ هتي بهار چو نہ پئي آيو. آئون ٻار کي وڻ جي چوٽيءَ تي چاڙهيندس. پوءِ وري اها پت پيجندس. اڄ کان منهنجو باغ ٻارن جي راند روند لاءِ وقف رهندو.“ کيس پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ اچي ٿيو.

هو هيٺ لهي آيو ۽ مهاڙ واري در کي هن آهستگيءَ سان کوليو ۽ باغ ۾ نڪري پيو. ٻارن جي جڏهن هن تي نظر پئي تہ هو هراسجي وٺي ڀڳا. ان سمي ئي باغ ۾ وري سياري جي موج ٿي ويئي. البت اهو ننڍو نينگر نہ ڀڳو هو. هنن جي اکين ۾ لڙڪ ايترا تہ ڀريل هئا، جو هن ديو کي پاڻ وٽ ايندي نہ ڏٺو. ديو هن جي پويان اچي بيٺو. ٻار کي نرمائي سان هٿن ۾ کڻي وڻ تي چاڙهيائين. هڪدم وڻ ٻورجي ويو ۽ پکي پکڻ اچي هتي لنوڻ لڳا. ننڍڙي ٻار پنهنجيون ٻانهون ڦهلائي، ديو جي ڳچيءَ ۾ ورائي چڏيون ۽ ديو کي هڪ پيار ڀري مٺي ڏني. هوڏانهن ٻين ٻارن اهو نظارو پئي ڏٺو. کين لڳو تہ ديو هن ڀيري سخت گير نہ آهي. هو ڀڄندا واپس آيا. هنن جي اچڻ سان بهار بہ باغ ۾ واسو ڪيو. ”هيءُ باغ هاڻي اوهان جو آهي.“ ديو چيو ۽ هو پت ڊاهڻ ۾ جنبي ويو. ۽ جڏهن ماڻهو منجهد ويل مارڪيٽ ويندي هتان لانگهائو ٿيا تہ کين اهو نظر آيو تہ انتهائي پياري باغ ۾ ٻارڙا ديو سان کيڏي ڪڏي رهيا هئا. هو سڄو ڏهاڙو کيڏندا رهيا، شام ٿيندي ئي هو ديو کان موڪلائڻ آيا.

”پر ٻيلي اوهان جو اهو ننڍڙو ساٿي ڪٿي آهي؟“ هن پڇيو، ” جنهن کي مون وڻ تي چاڙهيو هو.“ اهو ٻالڪ ديو کي انڪري زياده عزيز هو، جو ان کيس چميو هو.

”چاچا اسان کي هن جي خبر نہ آهي.“ ٻارن وراڻيو، ”سمجهون ٿا تہ هو اڄي ئي هتان وڃي چڪو آهي“.

”چڱو ڀلا اوهان انکي چئجائو تہ هو خوش رهي ۽ سياڻي بہ هت اچي.“ ديو چيو. پر ٻارن کيس ٻڌايو تہ کين ان ٻار متعلق کا وڌيک ڄاڻ ڪونهي، ڇو تہ ڦهريائين ان کي هنن نہ ڏٺو هو. ديو اهو ٻڌي غمگين ٿي ويو.

ان کان پوءِ جڏهن پيشين جو اسکول بند ٿيندا هئا، تہ ٻار سڌو باغ ۾ ايندا هئا، ۽ کيڏڻ ۾ مگن ٿي ويندا هئا. پر اهو ننڍو نينگر، جنهن لاءِ ديو کي اکير هئي، وري نظر نہ آيو. بهرحال ديو هاڻي ٻين ٻارن سان قربائتي نموني پيش ايندو هو. پوءِ بہ منجهس پنهنجي ڦهرئين ننڍڙي سنگيءَ لاءِ تانگهہ زندهہ رهي، ۽ هو ان متعلق پيو ڳالهائيندو هو. ” الائي آئون وري ان ٻار کي ڏسي سگهندس کي نہ؟“

ائين سال گذرندا رهيا ۽ ديو اچي پوڙهو ۽ نبل ٿيو. هو هاڻي ٻارن سان کيڏي نٿي سگهيو. سو هيءُ کرسيءَ تي ويهي ٻارڙن کي کيڏندي ڏسندو هو ۽ ور ور پيو باغ کي ساراهيندو هو. ”مون وٽ ڏاڍا عاليشان گلڙا آهن.“ هن چيو، ” پر ٻارڙا سڀ کان نيارا ۽ دلپزير گلڙا آهن“.

هڪڙي سياري واري صبح جو، هن ڪپڙا ڦهريندي ٻاهر ڏٺو ۽ ڏسندو رهجي ويو. اهو واقعي بہ اچرج جهڙو ڏيک هو. باغ جي پرانهين کنڊ ۾ هڪڙو وڻ سفيد ٻور سان جهنجهيل هو. ان جو شاخون سونيون ۽ منجهان چانديءَ جهڙو ميوو لڙي رهيو هو. ان وڻ هيٺيان اهو ٻارڙو، جنهن کي هن سدائين پئي ساريو، بيٺل هو.

هو تکڙو هيٺ لهي آيو ۽ باغ ڏي وڌڻ لڳو. هو جلديءَ ۾ ٻار وٽ پهچي ويو. ويجهو ٿيندي ئي هن جو چهرو ڪاوڙ ۾ سرخ ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو. ”کهڙي درندي توکي گهائيو آهي؟“

ٻار جي ھٿ ترين توڙي پيرن تي ننھن جا نشان ھئا. ” کھڙي کاسائي توکي ايذايو آھي؟“ ھن دانھن ڪئي. ”ٻڌاءِ ته مان ان جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪريان.“

”نه، ھي ته پيار جا زخم آھن.“

”تون پٽڙا ڪير آھين؟“ ديو پڇيو ۽ ھو عجيب ڏيا ۾ ونجي ويو ۽ ٻار آڏو جھڪي وينو.

ٻار ھن کي ڏسي مسڪرايو ۽ چوڻ لڳو. ”توھان ھڪ ڀيري مون کي پنھنجي باغ ۾ کيڏڻ ڏنو ھو ۽ اڄ توھان مون ساڻ منھنجي باغ ۾ ھلندا، جنھن کي جنت الفردوس سڏيو وڃي ٿو.“

جڏھن پيشين جو ٻار ڊوڙندا آيا ته انھن ڏٺو ته ديو وڻ ھيٺان ستو پيو ھو، ۽ سڄو سفيد ٻور سان ڍڪيل ھو.

# ياڳ پري

ڪنهن زَماني جِي ڳالِهه آهي ته هڪڙِي ننديڙِي ڇوڪِري هُوندِي هُئِي. جِنهِن جو نالو هو ياڳ پري. هُوءَ پَنهِنجِي ماءُ سان گڏُ هِڪِڙِي ٻيلي پَرسان رَهَندِي هُئِي.

هِڪَ ڏِينهَن هِنَ جِي ماءُ کيس چيو، ”تُنهِنجِي نانِي بِيمارُ آهي. تون ڪُجهُه ڪيڪَ ڪَڻِي وَڃُ، ۽ کيس ڏيئِي اَچُ“.

هِنَ جِي نانِي ٻيلي وِچَ ۾ رَهَندِي هُئِي.

سو ننڍِڙِي نِينگِرِي اوڏانهن روانِي ٿِي. هُوءَ هلندي هلندي جڏهن ٻيلي اندر پهتي، تڏهن اوچتو هڪڙو مڪار ٻگهڙ ٽُپُ ڏيئِي ٻاهِرِ آيو ۽ چَيائِين، ”ننڍڙي نينگري، تُنهِنجو نالو ڇا آهي؟“

هِنَ ڊِڄِي ڊِڄِي پَنهِنجو نالو ٻُڌايو. پوءِ ان مڪار ٻگهڙ پڇيو، ”تُون ڪيڏانهن وِڃِي رَهِي آهين؟“

ياڳ پريءَ وَراڻِيو، ”آئُون پَنهِنجي نانِيءَ کي ڪيڪَ ڏِيَڻَ پَئِي وَڃان“.

اِهو ٻُڌِي مَڪارَ ٻَگهَڙُ تَمامُ تِکو ڊوڙِي نانِيءَ جي گهَرِ ڏانهُن وِيو. هِنَ دَرَ تي ٺُڪِ ٺُڪِ ڪَئِي ته نانِيءَ پڇيو، ”ڪيرُ آهي؟“

اُنَ تي هِنَ مَڪارَ پَنهِنجو آواز بدِلائِي نَرمُ ڪَري چَيو، ”آئون ياڳ پري آهيان“.

نانيءَ چيو، ”چڱو، پوءِ پَلِي اَندَرِ اچ“.

هُو ڊوڙِي اندر گهڙِيو ۽ نانيءَ کي ڪائِي ڇڏِيو. هائو، هُو نانِيءَ کي سَجو ڳِڙڪائِي وِيو.

پوءِ مَڪارَ بَگهَڙَ نانِيءَ جي راتِ وارِي ٽوپِي پاتِي، ۽ نانِيءَ جِي عينڪَ اکِينِ تي چاڙهِي، وَڃِي نانِيءَ جي بِسترِي تي ويٺو.

هاڻي ياڳ پري بہ اَچِي نانِيءَ جي گهرِ پهتِي.

هِنَ نانِيءَ جو دَرُ کُڙڪايو تہ مڪار بگهڙ پڇيو، ”ڪير آهي؟“

هِنَ چيو، ”آئون ياڳ پري آهيان ۽ مون توهان جي ڪاڻ لاءِ ڪجهہ ڪيڪ آندا آهن.“

مڪار بگهڙ نرم آواز ۾ چيو، ”مُنهِنجِي مِنِي اندرِ اَچُ.“

ائين ياڳ پري نانِيءَ جي گهر اندر گهڙي. هن بگهڙ کي ئي پنهنجي ناني ڪري سمجهيو. هن پنهنجي نانيءَ جي اکين ڏي نهاري پُڇيو ”نانِي! اوهانجِيُون اکِيُون تہ ڪيڏِيون وَڏِيُون آهِن!“

”ان لاءِ تہ توکي چَڱِي نموني ڏِسِي سَگهان، مُنهِنجِي پياري!“ مڪار بگهڙ چيو.

پوءِ وري ننڍڙيءَ نينگر نانيءَ ڏي ڏِٺو ۽ چَيو، ”ناني! اوهان جا ڪَنَ تہ ڪيڏا وڏا آهن!“

”ان ڪري تہ آئون توکي سٺي نموني ٻڌي سگهان، منهنجي پياري!“ مڪار بگهڙ چيو.

وري هڪ دفعو ٻيهَر ننڍڙيءَ نينگر نانيءَ ڏي نهاريو ۽ چيو، ”او ناني! توهانجا ڏند تہ ڪيڏا وڏا آهن!“

”ان لاءِ تہ توکي سُٺي نُموني کائِي سَگهان، منهنجي پياري!“ اهو چئي بگهڙ نينگريءَ کي کائڻ لاءِ بستري تان ٽپ ڏئي لٿو.

پر اُنَ وَقت هڪڙي ڪانيئر بگهڙ جي ڳالهه ٻڌي ورتي ۽ هُو ڪُهاڙِي ڪٽي ڊوڙي اندر آيو. اچڻ سان پنهنجي ڪهاڙيءَ سان بگهڙ کي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. خدا جي قدرت سان ناني اُتان جِيئرِي نِڪرِي آئِي.

ان ڪان پوءِ نانِي بِستري تي وَڃِي ويٺِي ۽ انهن سيني چانهن ۽ ڪيڪ کاڌا.

ائين مڪار بگهڙ جي پڄاڻي ٿي ۽ انهيءَ سان هيءَ ڪهاڻي ٻه ختم ٿي.

(آڪسفرڊ پريس ۽ جِنِ ڪمپني جي اشتراڪ سان ڇپايل ڪتاب Once upon a time ۾ ڏنل ڪهاڻي Little Red Ridinghood جو آزاد ترجمو.)

# جانوءِ ڦرهين وارو ڪانو

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي ته هڪڙو ڇوڪرو هوندو هو. جنهنجو نالو هو جانو.

هڪڙي ڏينهن جانوءَ جي ماءُ هن کي چيو، ”پاڻ ڏاڍا غريب ٿي ويا آهيون. پاڻ وٽ هڪ پئسو به نه بچيو آهي. تون پنهنجي ڪُئون کاهي وڃي مارڪيٽ ۾ کپائي اچ ته جيئن به ٿي ڏوڪڙ ملي پون.“

جانو ڪُئون کاهي روانو ٿيو. رستي تي کيس هڪ ننڍڙي قد وارو پوڙهو ماڻهوگڏيو.

انهيءَ ننڍي پوڙهي ماڻهوءَ کيس چيو، ”مون کي اها ڪُئون ڏي ته ان جي بدلي، آئون تو کي جادوءَ وارا ٻج داڻا ڏيان.“

ائين جانوءَ ان کي ڪُئون ڏيئي جادو وارا ٻج داڻا ورتا. جڏهن جانو گهر پهتو، تڏهن سندس ماءُ اهو احوال ٻڌي، مٿس ڏاڍي ڪاوڙي ۽ کيس چيائين، ”مون ڪُئون پئسن لاءِ ٿي کپائي. هي ٻج داڻا ڪهڙي ڪم جا!“

هن انهن جادوئي ٻج داڻن کي دريءَ مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو ۽ سزا طور جانو کي بکئي پيٽ سمهڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو!

ٻئي ڏينهن صبح جو جانوءَ ننڊ مان سجاڳ ٿي، دريءَ مان ٻاهر نهاريو. هن ڏٺو ته هڪڙو رات وچ ۾ وڏو ڦرهي وارو ڪانو نسري وڃي آسمان تائين رسيو هو.

”مونکي انهيءَ ڪاني تي چڙهڻ گهرجي،“ جانو دل ۾ چيو.

ائين جانو مٿي چڙهندو ويو، چڙهندو ويو ۽ وڃي چوٽيءَ تي پهتو.

ان وڻ جي چوٽيءَ تي جانو کي هڪ ڏکيو رستو ڏسڻ ۾ آيو. ان رستي جي آخر ۾ هن هڪ ديو جو گهر ڏٺو.

”ڏسان تہ هن گهر ۾ ڪير ٿو رهي،“ جانو چيو.

ائين جانو ان ديوَ جي گهر اندر ويو.

ٿوري وقت کان پوءِ ديو ڦوڪاريندو ۽ گجگوڙ ڪندو آيو:

”فِي فِي فو فم! مون کي هڪ ٻار جي رت جي ڌپ پئي اچي، هو مئل هجي يا جيئرو، آئون هن جي جسم جا هڏا پيِنهِي ان مان پنهنجي لاءِ ماني ٺاهيندس.“

اهو ٻڌي جانو ٻوڙ وغيره رڌڻ واري مشين يعني اوون ۾ لڪي ويو. ۽ ديو بہ پنهنجي سونَ واري ٿيلهي پرسان ئي ويهي رهيو. ٿوري وقت کان پوءِ ديو کي ننڊ اچي ويئي. جانو انهيءَ اوون مان ٻاهر نڪتو.

”مون کي اها سون واري ٿيلهي ڪڻڻ گهرجي،“ هن چيو.

ائين جانوءَ اها سون واري ٿيلهي کنئي ۽ هيٺ لهي آيو.

ان کان پوءِ جانو ۽ سندس ماءُ غريب نہ رهيا. اُنهَنِ ان سون مان هڪ ڳئون ورتي ۽ تمام گهڻا ڪاڏا خريد ڪيا.

وري هڪ ڏينهن جانو دل ۾ چيو، ”مون کي هڪ ڀيرو وري ان وڻ تي چڙهڻ گهرجي.“

ائين هو ان وڻ تي چڙهندو ويو، چڙهندو ويو ۽ وڃي چوٽيءَ تي پهتو. اڳي وانگر هو ڏکيو روڊ لتاڙي ديو جي گهر اندر گهڙيو. ٿوري دير ڪانپوءِ اهو ديو ڦوڪاريندو ۽ گجگوڙ ڪندو آيو:

”في فِي فو فم! مون کي هڪ ٻار جي رت جي ڏپ پئي اچي. هو جيئرو هجي يا مئل، آئون هن جي جسم جي هَڏين کي پِيهِي ان مان پنهنجي لاءِ ماني ٺاهيندس.“

جانو هن پيري ٻہ اوون ۾ لڪي ويو. پر اهو ان ڏينهن ڏاڍو گرم لڳو پيو هو! ديو جادوءَ واري ڪُڪِڙ سميت پرسان ئي ويهي رهيو. هن ڪڪڙ کي چيو، ”بيضو لاهہ.“ ۽ جادوئي ڪڪڙ سونو بيضو لاهي ڏنو. جهٽ ۾ ديو سمهي پيو ۽ جانو ٻاهر نڪتو.

”مون کي اها ڪڪڙ کڻڻ کپي،“ جانو چيو.

ائين هن جادوئي ڪڪڙ کي کنيو ۽ هيٺ لهندو، لهندو اچي زمين تي پهتو.

هاڻي جانو ۽ سندس ماءُ اجا وڏيڪ شاهوڪار ٿي ويا. جادوئي ڪڪڙ انهن کي روزانو سونو بيضو لاهي ڏيندي هئي، جنهن کي وڪڻي، هُو ڪافي ناڻو حاصل ڪندا هئا.

وري هڪ ڏهاڙي جانوءَ دل ۾ چيو، ”مون کي وري ٻہ ان وڻ تي چڙهڻ گهرجي.“

ائين هو ان وڻ تي چڙهندو ويو، چڙهندو ويو ۽ نيٺ ان جي چوٽيءَ تي وڃي پهتو. جانو ڊگهو روڊ لتاڙي، ديو جي گهر اندر ويو. ديو ڦوڪاريندو ۽ گجگوڙ ڪندو آيو:

”في فِي فو فم! مون کي هڪ ٻار جي رت جي ڏپ پئي اچي. هو جيئرو هجي يا مئل، آئون هن جي جسم جي هڏين کي پِيهِي ان مان پنهنجي لاءِ ماني ٺاهيندس.“

جانو لڪي ويو. اڳي وانگر ديو ٻہ پرسان ويهي رهيو. هن پيري هن وٽ جادوئي واڄو هو، جنهن مان سر ٿي نڪتا.

جانو چيو، ”مون کي اهو جادوئي واڄو کڻڻ گهرجي.“

جيئن ئي ديو ننڊ ۾ پيو، جانو اهو واڄو ڪنيو. پر جانو جو هٿ جيئن ئي ان واڄي تي پيو ته ان وڄڻ شروع ڪيو، ”مدد ڪريو! مدد ڪريو“!

ديو جاڳي پيو ۽ جانو جي پويان ڊوڙڻ لڳو. جانو تڪڙو تڪڙو لهندو ويو ۽ ديو به سندس پويان لڳو آيو. پر جانوءَ هيٺ لهي، جلديءَ ۾ ڪهاڙو ڪنيو ۽ ڪاني کي وڍي وڌو. نتيجي ۾ اهو ديو زمين تي ڪري پيو ۽ مري ويو.

ائين ديو ۽ ڪهاڻي جي پڄاڻي ٿي.

# ادرڪ ماني وارو نينگر

ڪنهن زماني ۾ هڪڙو پوڙهو ماڻهو ۽ هڪڙي پوڙهي عورت رهندا هئا. اهي پهاڙيءَ هينان نندي پراڻي گهر ۾ اڪيلا رهندا هئا. ڪين ڪوبہ اولاد نہ هو .

هڪڙي ڏينهن پوڙهيءَ پنهنجي مڙس کي چيو، ”آئون ادرڪ ۽ اٽي مان هڪ ڇوڪرو ٺاهيان ٿي. ان جي ڪوٽ لاءِ ڪنڊ جو ٿهہ ٺاهيندس. آئون مصريءَ جي ڳنڍين مان ان جون اکيون ۽ منهن ٺاهينديس. هڪ وڏي قشمش مان، آئون ان جو نڪ جوڙينديس ۽ اکروٽن مان هن لاءِ جوتا جوڙيندس“.

ائين پوڙهي عورت ان جي پيرن جون آڱريون ٺاهيون. پوءِ ان جون ٽنگون ۽ ٻانهون سڌيون ڪيون. ان کي ٿئي تي رکيو. ان ڪان پوءِ هن ادرڪ ماني واري ڇوڪري کي ڪاڌي پچائڻ واري مشين (اوون) ۾ رکيو، تہ جيئن اهو پچي تيار ٿئي.

”او، هو!“ هن رڙ ڪئي. ”هاڻي مون وٽ پنهنجو ادرڪ ماني وارو ٻار هوندو“.

پوءِ هوءَ پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي ويئي. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ هوءَ اوون ڏي ويئي.

اوون مان آواز آيو، ” مون کي ٻاهر ڪڍو! ٻاهر ڪڍو“!

ان پوڙهي عورت ڊوڙي وجي اوون جو دروازو کوليو. ان مان ادرڪ ماني وارو ڇوڪرو ٻاهر نڪري آيو. هو پٽ تي نينگ ٽپا ڏيندو رهيو. گهر جو در کليل ڏسي، هُو ٻاهر نڪري ويو ۽ گهٽِيءَ ۾ ڀڄڻ لڳو. پوڙهو ماڻهو ۽ عورت ان جي پويان ڊوڙڻ لڳا. ۽ ڪيس سڏيندا رهيا:

”اي ادرڪ ماني وارا ڇوڪرا! بيهي رهه. بيهي رهه. مناهِ اسان کان نہ ڀڄ“.

”نہ!“ ادرڪ ماني واري ڇوڪري چيو. ”آئون نہ ايندس ۽ آئون اوهان کان پري ڀڄي ويندس“.

ائين ادرڪ ماني وارو نينگر هنن کان ڀڄي ويو. هو ڊوڙندو ۽ ڊوڙندو رهيو. ڪيس هڪڙو وڏو ڪتو گڏيو.

ان ڪُتي ڪيس چيو، ”بيهه! بيهه! آئون توکي ڏسڻ گهران ٿو. هيڏانهن اچ، ادرڪ ماني وارا نينگر“.

ادرڪ ماني واري نينگر چيو، ”نہ! ڪتاهِ تون مون کي کائڻ ٿو چاهين. آئون پوڙهي مائيءَ ۽ سندس مڙس کان ڀڄي آيو آهيان. تو کان بہ آئون ڀڄي ويندس“.

ائين ادرڪ ماني وارو نينگر اتان بہ ڀڄي ويو. وري ڪيس رستي ۾ هڪ ننڍڙي ٻڪري ملي .

ٻڪريءَ ڪيس ڏسي چيو، ”بيهه! بيهه! آئون توکي ڏسان. ادرڪ ماني وارا نينگر، هيڏانهن اچ“.

ادرڪ ماني واري نينگر چيو، ”نہ! ننڍي ٻڪري، تون مون کي کائڻ ٿي چاهين. آئون پوڙهي مائيءَ ۽ سندس مڙس کان ڀڄي نڪتس. پوءِ آئون وڏي ڪتي کان بہ ڀڄي آيو آهيان. سو آئون توکان بہ ڀڄي ويندس“.

ائين ادرڪ ماني وارو نينگر اتان بہ ڀڄي ويو. هو ڊوڙندو ڊوڙندو اچي درياءَ تي پهتو پر ڪيس ترڻ نہ ٿي آيو. اتي لومڙ بہ موجود هو.

لومڙ چيو، ”بيهه! بيهه! تون تري نٿو سگهين، پر آئون تري سگهان ٿو. آئون ترندس ۽ تون مون تي چڙهي ويهجان.

ادرڪ ماني وارا ڇوڪرا، هيڏانهن اچ ته آئون تنهنجي مدد ڪريان“.

ادرڪ ماني وارو نينگر لومڙ جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ هن تي چڙهي وينو .

لومڙ چيو، ”ادرڪ ماني وارا نينگر، اجهو اسان دريا ٽپي رهيا آهيون. تون پوڙهي مائيءَ ۽ سندس مڙس کان ڀڄي آئين. تون وڏي ڪتي کان به ڀڄي آئين، ۽ تون ننڍي ٻڪريءَ کان به ڀڄي نڪتين پر تون هاڻي مون کان ڀڄي نه سگهندين! آئون ئي توکي کائيندس“.

اهو چئي لومڙ ان کي کائي هڙپ ڪري ڇڏيو.

ائين ڪهاڻي ختم ٿي.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book